قدرت ... ۽ ... آهي ڇا، جنهن ...
اعليٰ رهيا ... آهي؟ انهن سڀني سوالن لي
سوچڻ سان ئي گيان ... ٿي ٿو.

ڌرتيءَ تي ڪيتري قسم جا انسان قدرت پيدا
ڪيا آهن. ڪيترا ... ڇا ... ڪن، انهن جي
رهڻ، ... ۽ رواج اهو سڀ ... هن ڪتاب
جي ... ۾ ... آيا آهيو. هاڻي سمنڊ اندر
ڇا آهي اهو ... ڳالهه ... اندر آهي ٻه ...
وڳن جي زمين ۾ ڪوه ... ۽ ... آهي.

سمنڊ جي پاڻيءَ جي هڪ ... ۾ ڪروڙين ...
آهن جي ... جي ... ... آهن. ... ۾ ...
... ڪروڙين ... جو اهي ... آهن.
... سمنڊ جي هڪ ڪيوبڪ ميل ۾ ...
... آهن ۽ هڪ ... اندر سمنڊ جي پاڻيءَ ۾
... ١٢ ڪروڙ ... ... آهن. انهيءَ ...

قدرت کان ڪهڙيون ڳالهيون سکون ٿا

ڪري ڪاٺ جي (ڪيمان) ٿيس - ۽ اٿرام، ڏورڻي، ٻيلا
ٻيائي ٻهار، هاڻي ڄاڻ ڄاڻي سمجهڻ ٻيهر ...
روم جو احوال جنهن ۾ سڀ ڪهڙو ڪيان ٻڌايو ...
ٻاهرين ان جي نوٽ ٻوهالا جو ٻيهر ... ماڻهن آهي
۾ لي جڏهن وڌڻ لاءِ ... ۽ هرائي ...
ساٿ ۽ ڪو ٿي ... ملڪن جي ...
ٿي رهي آهي ۽ دنيا جي ڪولي لي ...
ٻيڪرائي ۽ ڏڪڻائي ... السواسن، السواڪس
السوهانس ۽ ... آهي سا هڪ ...
آهي. جاگرافي (Geo+graphy) جنهن ۾ جي
دنيا جي ڪولي جو ... لو ان جي معني
جي هجو (Geo) معني ڌرتي ۽ ان سڀ ڪري
(Graph) جي ... لڪڻ. ... آهي
دنيا جي ڪولي تي ... ٣٢٤ آهي ۽ ... جيئن
ڌرتي جا ... هڪ انسان جي ...
انسان جي ... جو ... آهي
طرح دنيا جي ڪولي تي ڌرتي ... ۽
... آهي. ... جو هڪ
... طرح ... آهي
... جو ... آهي
آهي. ... ۽ ...

ٻوهالا جو ... جاگرافي ۽ قدرت

[illegible]

[illegible]
[illegible]
[illegible] آهي [illegible]
آهي [illegible] آهي [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible] انسان [illegible]
[illegible] آهي [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

[illegible] آهي [illegible]
[illegible] آهي [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

[illegible]


اعتبار ايندو؟
سچ اٿوا
گيان ۽ وگيان
جا
چمتڪار ۽ ڪرشما
پڙهن ۽ پاڻو ا
پروفيسر عرداڻي

پڙھو ساڳي ليکڪ ھر جاني جا

سنڌي، ھندي، انگريزي ۽ اردو ڪتاب



اڄا جنھنسند آھي ل اڏي گڏويل ھوجالي ۽ سوز ۽ من تي ۽
احساس نرمنا ڪري ڪجھه ٺاھيل ساڻ شن سونھي
سالڪ بيدل جو احوال لکيو ڪيو آھي. ديوان بيدل
وڏي ٻي قابل آھي..........سلو گڏويل انھن سنڌي
ر بيھڻي ڄاڻو ليڊ لوڪ ۽ سوساڻ سڪ جني پڙت
لکي آھي.
پروفيسر لوکويل ڪسوالي "سنڌي شعر جي ڪسوٽي"

ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار
قيمت هندستان ۾: ٥٠ پئسا
قيمت پاڪستان ۽ ٻاهرين ۾: ٧٥ پئسا
ساليانو چندو مني آرڊر رستي: ٽي روپيه
ساليانو چندو وي. پي. رستي: ساڍا ٽي روپيه
ساليانو چندو پاڪستان ۽ ٻاهرين ۾: پنج روپيه
لائيف ميمبرشپ: ايڪونجاهه روپيه

*

سال ١٩٦٨ع

ڇپيندڙ: دليپ پريس، شاپ نمبر ١٨٠، اُلهاس نگر ٥.
ڇپائيندڙ: رميش گدومل هرجاڻي، اُلهاس نگر ٥.

سهي تڏو ساهه پري ڇيو ته گهڻي سوچ ويچار بعد مان انهيءَ رائي تي پهتو آهيان ته موت ڪڏهن به اچي تو سگهي ۽ ڪهڙي طرف يا ڪارڻ جي اچي تو سگهي. ڏسو! رات جو سمهيا پيا هجون ۽ هي آسمان اسان مٿان اچي ڪري پوي ته اسين ننڊ ۾ ئي مارجي وينداسين. جي زمين کسڪي وڃي ته سڀ وڃي پاتال ۾ ناس ٿينداسين ۽ ڪاڏي پيٽي جي اڳيئي تڪليف تي رهي آهي، ڪڏهن به بکن ۾ پاهه تي مرون.

انهن ڳالهيون ڪري سهو ته پريل دل سان هليو ويو پر پنيان هنن ٽنهي کي چنتائن اچي ورايو ۽ ٽنهي جون چنتائون اڄا گهٽ نه ٿيون آهن. انهيءَ ڏينهن کان وٺي ٽيٽيهر رات جو پير مٿي ڪري سمهندو آهي. ڇي، جي آسمان ڪريو ته مان پنهنجن پيرن تي جهلي وٺندس ۽ انهن پنهنجو بچاءُ ڪندس ۽ باندر رات جو سمهڻ کان اڳي وڻ تان لهي زمين تي ايندو آهي ۽ ڏسندو آهي ته زمين نه ڪانه تي هيٺ کسڪي وڃي ۽ انهن بئي ساهه وارا ڏڪار پوڻ جي ڊپ کان اناج پنهنجين گلتين ۾ ڀيهندا رکندا ويندا آهن ۽ پرءِ ويهي سانهن سٽيءَ سان کائيندا آهن، ۽ ڪاڏي جي اٽات سبب ڪيچڪ ڪينئون مٿي ئي پيو کائي.

خيالي ڊپ ڪيڏو نه برو اثر ٿو ڇڏي ۽ موت کان اڳي سڀ پيا مرن ۽ جيڪي موت جو ڊپ پنهنجي اُپديش سان ٽا ڦهلائين سي سهي وانگر مؤجون پيا ڪن. وچڙ ڦاٽا جن اُپديش ٻڌو ۽ وشواس ڪيو.

ٿي ڏٺو. هي ڄڻڪي ڪيڙا انسان ڏوڙي رکيا آهن
سي ڪٿي گهر هلو. راهو الي آرام ڪجو، سوچ جو
سوال ئي ڪونهي اوهانکي ڪاهه ڪاڙائي هيٺي ڏٽي ڪنارو ٿي
ڙائي اڀناڻسين. اوهانجو سڪجو وقت پيو گذرندو...
اڄ ڏينهن ۽ هي ڏينهن گذري ۽ ڏوڙي ۽ جو ٻاڙي ۾ ڦالو
هلندو آهي.

پنهنجي ڀاڪ جو ڄڻڪي اڄاڻ ڏ ڪندا ۽ ايندا؟
هوف ڪان ڏٻڃي حالتن ڪي سڃهن ڏيڻ لڌران الي
ڀڄندا ڏ غلامي، جو ڳهانڪو ٻ انهن جي ٻڄڻ ۾
پوندو ۽ سڄي عمر غلامي ۾ گذرڻ واڪر ڪاٽي
پوندن.

ڀاڱو ۴

ٽٽيهر پکي ڇو ٿو پير مٿي ڪري سمهي؟

راڻي ڇيو هي راڄن! هي ٽٽيهر پکي ڇو ٿو پير
مٿي ڪري سمهي؟ راڄا چيو ته هي منهنجي پياري!
ٻالي هيٺن آهي ته هڪ ڏفعي جهنگ ۾ سڀ زندگي
۽ موت تي ڳوڙهو ويچار ڪري رهيو هو، ويچار اهڙو
ته ٽنهيرتا سان ڪري رهيو جو ڪيس اڄا ته سڏڪ
ڪانه ٿي رهي ته سندس آس پاس ڇا ٿي رهيو آهي.
سڀي جي اهڙي ٽنهيرتا هڪ باندر، ٽٽيهر ۽ ڪيڪڙ
ڪينئون ڇتائي ڏسي رهيا هئا. آخر سڀي وقت آيا ۽
اچي ڇيائونس ته ڀائو ڪهڙي ڳوڙهي ويچار ۾ ٻڌي
ويو آهين؟ ڪجهه اسانکي به ٻڌاءِ.

اهو نه پنهنجو ڀن جاءِ نه آهي. اسين نه پڇي ٿيون وڃون. ڇاڪاڻ اهو نه اسانجو ۽ توهانجو ميلاپ هاڻي وڏي ڪ وقت رهي نه سگهندو.

گڏهن جي لڏ پلاڻ

احوال ٿو ڏجي ته گڏهه منجهي پيو. جڏهن پنهنجن ساٿين سان ڳالهه ڪندا هئين. ويچار ڪرڻ لڳا ته هي جو هلو ٿيندو نه ٿيو، اٿيءَ کي منهن ڏيون يا هي ملڪ ڇڏي وڃون. ڀلا ڇو گڏهن عمر ڪاٽي موڄن ۽ ٿيندڳ تون ٻر، تنهڪي تهرسُ ڪاٽي جو آفتن کي منهن ڏين. فيصلو ڪيائون ته هي جهنگ ڇڏي وڃي ڪٿي هند ڪاٽي ڊاڻو ڪجي. سڀي جهنگ جي گڏهن ٻر سمنسي. ڦهڄي وڃي ۽ سڀ گڏهه لڏ پلاڻ ٻر لڳا. واڳهوُ جو اهي اسانکي کائين، تنهن کان بهتر ته ٿڙي پاسو ڪريون.

گڏهه جهنب ڪري جهنگ مان نڪتا! هلندا اچن ته هڪ ندي ڪناري ڪيترا ماڻهو ڪپڙا ڌوئي رهيا هئا. هنن جو گڏهن کي ڏٺو ته خود مطلبيءَ وچان ڳالهه ڪري گڏهن ايڏان قدو ڪيائون ۽ گڏهه لڳي ويا ڪاڏي کي ۽ ماڻهن جا شڪرانا مڃڻ لڳا. اهي ماڻهو هئا ڌوٻي. انهن گڏهن کي آلت ڏٺو ته اوهين ڪا چنتا نه ڪريو. اسين واڳهن کان اوهانکي بچائيندا سين، ۽ ڪا رائيندا سين نه. صرف اوهين نه ڪجهه مدد اسان

جھنگ مان گڏھ ڪيئن ڀڳا ۽ ڌوٻين جي ور ڪيئن چڙھيا؟

راڻيءَ پڇيو ته جھنگ مان گڏھ ڪيئن ڀڳا ۽ ڌوٻين جي ور ڪيئن چڙھيا؟ راڄا چيو راڻي ٻڌ ته ٻڌايانءِ:- ھڪ جھنگ ۾ صرف گڏھ رھندا ھئا. چؤطرف گاھ پيا چرندا ھئا ۽ تلاءَ جو پاڻي پي موجون ڪندا ھئا. پلا سڄو جھنگ ئي گڏھن جو; ڇا جي ڪين تڪليف ۽ ڇا جو ڪين ڊپ!

ڪيتري مدت بعد لومڙي جي من ۾ آيو ته ھنن گڏھن کي اتان ھڪالي ڪڍجي. اھڙي ڪا تدبير ڳولھي ڪڍجي جو ھي گڏھ ازخود جھنگ ڇڏي وڃن; نه ته ھيترن کي ھڪالڻ آھي ڏکيو.

اھي پھه پچائي لومڙي ايڪانت ۾ ھڪ گڏھ کي پاسيرو ٿي چيو ته "ٻڌو ڪين اٿيئي! ڏاڍي خوفناڪ خبر ڦھليل آھي. ڏاڍو خطرناڪ وقت ٿو اچي."

لومڙي جي چالاڪي

گڏھ: ڇا آھي؟ ڇا ٿيو آھي؟

لومڙي: مون ٻڌو آھي ته واگھن ۽ مانگرمڇن فيصلو ڪيو آھي ته ھن جھنگ تي چڙھائي ڪريون. گڏھ تمام گھڻا آھن ۽ ڪجھه وقت سک سان گذرندو. کاڌو پيتو ملندو. انھن واگھن ۽ مانگرمڇن کي وڏو ڪنڊڪ پنھنجو آھي. جنھن وقت کان اھا ڳالھه ٻڌي

امانت جي سنڀال ڪبي آهي ۽ نه ڪي امانت مان فائدو وٺبو آهي. پر ٻيا ڪوئا ٻڌن ڇو ٿا؟ ڇوهڻ لڳا ته جڏهن ٻلين ڪاغذ گهريا ته ڪري ڪين موٽائينداسين.

ڪوئن گهر ناهيو ۽ گهر مطابق ڪاغذ ڪتري ڪاٽي منجهس ويهي رهيا ۽ تڏهن ڪير ٿو ٻاهر ڪاڍي لاءِ نڪري تنهنڪري ڪي ڪوئا اهي ڪاغذ ڪائڻ ٻه لڳا ۽ ڪاغذ ويا گهٽبا ۽ ناس ٿيندا.

ڪجهه وقت بعد ڪتا موٽيا، ٻلين ۽ ڪوئن سان ياڪر پائي گڏيا. ڪي ڏينهن پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪيائون. آخر هڪ ڏينهن ڪتن پنهنجي امانت ڪاغذ پت ٻلين کان گهريا. ڪتن کي وٺي ٻليون ڪوئن جي گهر ويون، پر اتي امانت جي حالت ڏسي ٻلين کي ڏاڍو غصو آيو ۽ ڪوئن مٿان حملو ڪري ڪين مارڻ لڳيون. ان تي ڪتن کي سياويڪ ڪروڌ آيو ۽ انهن وري ٻلين کان وير ورتو جن امانت جي چڱي سنڀال نه لڌي.

انهيءَ ڏينهن کان وٺي ڪتن، ٻلين ۽ ڪوئن جي ويڙهه هلي اچي. ايام گذري ويا آهن، پر جهڳڙو اجا چالو آهي. هونئن ته شينهن ۽ ٻڪري ٻه هڪ تلاءَ تي پاڻي پيئندا هئا، پر پوءِ جيئن امانت ۾ خيانت پيئي ته پوءِ حيوانن جي حيوانن ۾ ۽ انسانن جي انسانن ۾ خصومت هلندي آئي آهي. سڀني جهڳڙن جو بنياد آهي امانت ۾ خيانت.

راجا فرمايو تہ ٻڌ هي منهنجي پياري راڻي: ايام گذري ويا آهن. تن ڏينهن ۾ ڪتا، ٻليون ۽ ڪوئا پاڻ ۾ ساز سلوڪ سان رهندا هئا. پاڻ ۾ مترتا هئن. هڪ دفعي ڪتن کي ڪيڏانهن ٻاهر ڪم لاءِ وڃڻو پيو. وٽن جيڪي ضروري ڪاغذ پٽ هئا سي ٻلين وٽ ڇڏيائون ۽ کين چيائون تہ مهرباني ڪري اسانجي پرپٺ هننجي سارسنڀال لهجو.

ڪيترائي مهنا گذري ويا ۽ ڪتا پنهنجي ياترا تان اچا ڪونہ موٽيا هئا. ٻليون ڪاغذن جي سارسنڀال لهندي ٿڪجي پيون. چوڻ لڳيون تہ هي وري ڪهڙو جهنجهٽ پاڻ مٿان کنيو اٿئون. اسين ڇا ڄاڻون سارسنڀال لهڻ مان. اسين رلون پنون ۽ کاڌو کائون... ڪتا سچ اسانجا متر هئا، پر اسان جهڙو ناتو ڪوئن سان بہ هئن. ڪوئن کي چوڻ لڳيون تہ ڪجھہ وقت اوهين بہ هنن ڪاغذن جي سار لهو. ڪتا اوهانجا بہ تہ متر هئا. ڪوئن ڪاغذن جي سنڀال رکڻ جي جوابداري پاڻتي کنئين. ٿورن مهنن بعد گرميءَ جا ڏينهن گذريا ۽ مٿان سيارو اچي ويو. ڪوئن کي ٿڌ ستائڻ لڳي ۽ آخر خيال ڪيائون تہ هنن ڪاغذن جو گهر ٺاهي منجهن ويهي رهون. اسين ٿڌ کان بہ بچنداسين ۽ ڪاغذن جي سنڀال بہ پيئي ٿيندي.

هڪ بزرگ ڪوئي انهيءَ تي اعتراض ورتو تہ

ڇهبوڪن هڻڻ جو موقعي لڀ ڏيئي رهيو آهي ۽ ڇهبوڪ هڻندو آهستي آهستي ٽڙڻ وانگر ۽ مان منتر سکي وٺندس. هتي ڪو موقعي ڏسي ته ڪوڻ لو نه ڪو مون کي ڇهبوڪ لڳا.

راجا راڻيءَ کي وٺ سان پڌو ۽ ڇهبوڪ ڪٽڻ زور سان راڻيءَ جي پٺيءَ تي هڪ ڇهبوڪ وهايو، راڻيءَ جي پٺيءَ تي ڏنو پيو. راڻيءَ وات پر ڪري ڪوڙو وڌو، جئن وات مان آواز نه نڪري. پر ايا پر يا ٽي ڇهبوڪ مس راڻيءَ کي لڳا ته راڻي باڏائڻ لڳي ته موڪڪي وڏيڪ ڇهبوڪ نه هڻو. ڪهه (ڪوهه) پر پوي اهو منتر جنهن سبب مان ڇهبوڪ جي مار کان...

عقل نڪاڻي

راجا: مان پلي منتر پڌائي مران ۽ ڇڪيا تي جلان، پر تون ڇهبوڪ پر سهڻ لاءِ تيار نه آهين...

راڻي پيش پيئي ۽ منتر سکڻ کان توبهه ڪيائين ۽ آئينده به راجا کان وڌيڪ ۽ وڌيڪ آڪاڻيون پڌڻ لڳي جي اوهان کي به پڌائجن ٿيون.

جاتڪ ٢

ڪتا، ٻليون ۽ ڪوئا — پاڻ ۾ دشمن ڇو آهن؟

راڻيءَ پڇيو هي راجن هيءُ ڪتا، ٻليون ۽ ڪوئا — پاڻ پر دشمن ڇو آهن؟

وڏيڪ ڏکي حالت ھن راجا جي آھي جو زال جي ضد جو شڪار ٿي مرڻ لاءِ وڃي رھيو آھي.

ٻڪريءَ سيکاريو راجا کي عقل

ٻڪري: سو ورِي ڪئن؟

گھوڙي پوءِ سڀ ڳالھ ٻڪريءَ کي ٻڌائي ۽ ساڻس صلاح ڪئي تہ ھنڌي حالت ۾ ڇا ڪرڻ گھرجي. ٻڪريءَ چيس تہ ھڪ رستو راجا جي بچائڻ جو آھي.

گھوڙو: ڪھڙي تجويز آھي؟

ٻڪري: راجا کي گھرجي تہ راڻيءَ کي چوي تہ منتر ٻڌائڻ جي وڌي (رسم) اھا آھي تہ مان توکي وڻ سان اول ٻڌان ۽ تنھنجي پٺيءَ تي چاليھ ڦٽڪا ھڻان ۽ جڏھن چاليھ ڦٽڪا توکي لڳي چڪندا تہ انھيءَ تپسيا (مار کائڻ جي تپسيا) تي مان توکي منتر ٻڌايان. اھا آھي منتر سکڻ جي وات. ٻڪري وڌيڪ چوڻ لڳي تہ جنھن وقت راڻيءَ مٿان مار پيئي تہ پاڻيھي سندس عقل جاءِ ايندو؛ راڻي اھي آڙا انگل ڇڏي راجا جي پيش پوندي ۽ راجا بہ بچي پوندو.

راڻيءَ تي مار

راجا اھي سڀ ڳالھيون ٻڌيون ويٺي ۽ ويچار ۾ پئجي رت ھلائڻ روڪيو ۽ راڻيءَ کي ھيٺ لاٿو ۽ کيس منتر سکڻ جي وڌي (رسم) ٻڌائي. راڻيءَ وڻ سان پاڻکي ٻڌارايو ۽ ائين ئي پئي سمجھيائين تہ راجا

مونکي ڏيئي سوپارو ڪندا. اِن ۾ اوهان جو بہ شان آهي ۽ منهنجي بہ جيءُ. ٻين جانورن، جيئن ۽ پکين بہ پنهنجي پنهنجي لاءِ پنهنجا گُڻ ڳايا. صرف ڪتو ئي رهجي ويو هو.

ڪتي پنهنجي باري ۾ ڪجھ بہ نہ چيو ۽ جي چيو تہ گھڻو ڪجھ. گڏه جا ڇھ گڻ آهن تہ مون ۾ ست خوبيون آهن. خواهشون رکجن، خوش رهجي، وفادار ٿجي وغيره وغيره، پر هئي صرف ڀونڪار. هو صرف ڀونڪندو ئي رهيو. سندس ڀونڪ جاري رهي!

راڻيءَ پڇيو تہ آخر ۾ ڇا ٿيو؟ راجا فرمايو تہ ڪتو چونڊجي ويو، ڇاڪاڻ تہ هن ۾ سڀني کان وڌيڪ خوبيون هيون ۽ هن پنهنجي باري ۾ گھڻو ڀونڪيو ۽ چونڊون اُهو ئي کٽندو آهي جو گھڻو پرچار (ڀونڪ) ڪندو آهي.

چونڊن جو ڇهڙتو ڏسي جيئن راجا ۽ راڻي پنهنجي رٿ ڏانهن واپس وريا تہ ڏٺائون تہ هڪ ٻڪريءَ رٿ واري گھوڙي سان پئي ڳالهايو ۽ چوڻ لڳس تہ تنهنجي حياتي بہ ڪهڙي نہ ڏکي آهي جو رٿ ۽ ماڻهن جو بوجو کڻي پيو سڀ وقت وهين. ڏس اسين ڪئن نہ آزاد ٿي رستن ۾ سائي گاهہ ٿان پيٽيون هلون ۽ کائون پيئون. تنهنجي حالت سچ پچ قياس جوڳي آهي تہ گھوڙي مرڪي ٻڪريءَ کي چيو تہ مون کان

ڏوهيءَ جو گڏه هو اڻ پڙهيل ۽ عقل جو بـه گڏه تنهن جان تان ڳالهائڻ کان ڪيٻايو ٿي، پر ڏوهيءَ چيس ته تون ڇو ٿو ٻڏجين. هيءُ پاڪستان ڪين آهي، جتي ڪيترن کي ووٽ ڏيڻ کان محروم ڪيو ويو آهي. هيءُ هندستان آهي، جتي هر نر ۽ ناري (بالغ) کي ووٽ ڏيڻ ۽ ڳالهائڻ جو حق آهي. مون ڪين گذريل ٽن عام چونڊن ۾ ڀرو ورتو. چونڊن جي ڏينهن ۾ ڪيڏو نه اسانجو مان ٿو ٿئي. چونڊن جي هڪ ڏينهن لاءِ اسين وڏن وڏن ٽيسنگن جا ناني ۽ پيٽيو يا ٽيو ٿا پئون. ڪيڏي نه اسان جي عزت...

سو آخر گڏه کي به همت آئي ۽ هيترن جو ڳالهايو ته گڏه وري ڪيئن مات ڪري ويهي، سو چوڻ لڳو ته اول اول مونکي اعتراض آهي ته هر بيوقوف کي گڏه جو لقب ڏيئي منهنجي بي عزتي ڪئي پيئي وڃي. اِهو سرشتو بند ٿيڻ گهرجي، ٻيو ته مان پور هيت آهيان، ٽيون ڪيڏو به ڪري مٿون بوجهو پوندو اٿم ته شانت چت رهندو آهيان، چوٿون گرميءَ ۽ سرديءَ جي پرواه نه ڪندو آهيان، پنجون من ڏاڍو ڪري هلندو آهيان ۽ ڇهون منهنجي گونج ۾ آلاپ جي ڏن آهي ۽ منهنجو آواز ٻڌي ٻيا به اچيو مونسان شامل ٿين ۽ وقتي اِت هٽي هڙتال به ڪن. اِهي آهن منهنجا ڇهه گڻ. انڪري مهرباني فرمائي پنهنجو قيمتي ووٽ

پکي به چونڊن لڙڻ لاءِ پنهنجا پنهنجا پڙ ناما تيار ڪري ڪٺي آيا هئا. پهريائين اقاب پکي اُٿيو ۽ آکڻ لڳو ته منهنجي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي ته آءٌ ڪنهن به لوڀ لالچ ۾ ڪين اچان ۽ پنهنجي حواسن کي روڪي يڪ تڪ پنهنجي شڪار (مقصد) ڏانهن نهاري اهو هٿ ڪريان. انڪري ڀائرو ۽ ڀينرون ووٽ ڏيو ته مهرباني ڪري مونکي ڏجو جو منهنجو اهو هڪ ئي اصول آهي.

ڪڪڙ فرمايو ته ڀائرو مون ۾ چار گڻ آهن. پهريائين ته حملو ڪرڻ ۾ هميشه اڳرو ٿجي، ٻيو توڙ تائين لڙڻ گهرجي، ٽيون جيڪو به کاڌو هجي سو ڪٽنب جي سڀني ڀاتين ۾ هڪ سريکو ورهائجي ۽ چوٿون مٿانئن طاقت سان حڪمراني ڪجي.

ڪانءُ ڪان ڪان ڪندي چيو ته مون ۾ پنج خاصيتون آهن. هڪ ته مان هميشه پنهنجي ڪارروائي بلڪل لڪائي ڇپائي ڪندو آهيان جيئن دشمن کي به خبر نه پوي، ٻيو ڪنهن به حالت کي سينو سهائي منهن ڏيندو آهيان، ٽيون جيڪي به ملندو آهي سو ٻروقت هٿ ڪندو آهيان، چوٿون ميدان ۾ ڪجهه به ڇڏي ڏيڻ نه گهرجي ۽ سست نه ٿجي ۽ پنجون ته مان پنهنجي ڪم لاءِ ٻئي ڪنهن ۾ به وشواس نه رکندو آهيان ۽ پاڻ ڪندو آهيان.

کي گڏ آهن ۽ هميشه تيار هوندو آهيان پوءِ کهڙو به ڪم وڏو هجي چاهي ننڍو.

گانءِ چيو ته مان هڪ ڌرمي جانور آهيان. انسان به منهنجي عزت ٿا ڪن، تنهنڪري اوهين به مونکي عزت ڏيو ۽ چوندا يو.

ٻلي چوڻ لڳو ته مون ڪانسواءِ ڪيتي ڪانه ٿيندي، مال گاڏيون نه هلنديون. مان نه هجان ته ڳوٺن جا ڳوٺ برباد ٿي وڃن ۽ انسانن کي کاڌو نه ملي. تنهنڪري اوهانجي ووٽ جو صرف مان ئي اڌڪاري آهيان ۽ ڪانگريس سرڪار جي نشاني به ته مان ئي آهيان.

ٻلين چيو ته اسين نه هجون ته ايترا ڪوئا پيدا ٿي وڃن جي اناج، ڪپڙو ۽ ٻيو سڀ ڪجهه ناس ڪري ڇڏين. ڪوئا پليگ جو به ڪارڻ آهن.

گهوڙي هٺڪيو ۽ چيو ته اڄ مسافريءَ لاءِ ڪري نوان ساڌن نڪتا هجن، پر ريس ڪورس ۾ ته منهنجو ئي شان آهي. شرطن لاءِ سڀ آتا ۽ سڀ مون تان صدقي پيا ٿين. تنهنڪري اڳي توڙي هاڻي منهنجو مان ۽ مرتبو اوچو آهي.

باندر پنهنجي چو تو پوي! انسانن کان پوءِ وڏو مان ئي آهيان. ڪنهن ويچار کان ته مان ئي انسان جو وڏو آهيان. مون ۾ عقل آهي، هوش آهي، ڪم ڪرڻ جي شڪتي آهي.

[illegible] ۽ [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] ۽ [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible]

[illegible] ۾ جانورن جون [illegible] [illegible]

[illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] آهي. انسان [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] جانورن [illegible] ۽ [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] ۽ [illegible] [illegible] [illegible] [illegible]

[illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] آهي، [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] آزادي [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] آزادي ۽ [illegible] [illegible] آهي، [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible]

[illegible] جانورن جون [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] ۽ [illegible] [illegible] [illegible] [illegible]

[illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] آهي ۽ [illegible] [illegible] ۽ [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] آهي، [illegible] [illegible] [illegible]

ڪري اڳي تي پنهنجو اثر آڻيندي. لاچار ٿي راجا
کيس ٻڌايو ته ناگ راجا مون کي منتر سيکاريو. جنهن
جو جپ ڪيم ۽ هاڻي مون کي ور مليو آهي جو
مان جيتن، پسن ۽ پکين جي ٻولي سمجهي سگهان ٿو
۽ پڻ ڳالهائي سگهان ٿو.

راڻيءَ اها وارتا ٻڌي ٺئون ضد ٻڌو ته اهو منتر
مون کي ٻـ سيکار. راجا ٻڌايس جي مان توکي منتر
ٻڌائيندس ته مان مري ويندس، پر راڻي اها ڳالهه
ڪٿي ٿي؟ سمجهڻ لڳي ته راجا منتر لڪائڻ لاءِ
اهو صرف ٻهانو ۽ دپ ڏيئي رهيو آهي. تنهنڪري
راجا تي زور آڻڻ لڳي ته مونکي منتر سيکار.

راڻي مورڇت ٿي

راجا جڏهن انڪار ڪري ٽئي وڃي راڻي پاڻيءَ
کان ٻاهر نڪرندي ۽ چوڻ لڳي ته منتر سکڻ لاءِ مان
بلڪل اُتاولي آهيان، چاهي پرلئه ٿي وڃي، چاهي
دنيا ناس ٿي وڃي پر مون کي اهو منتر ڪيئن به
ٻڌايو نه ته ته...

ائين چوندي راڻي اچي روئڻ ۾ ڇتڪي ۽ مورڇت
ٿي ڪري پئي ۽ سندس نار (نبض) آهستي آهستي
هلڻ لڳي ۽ راجا سمجهيو ته راڻي متان انهيءَ شوڪ
۾ مري نه وڃي. تنهن ڪري لاچار آڻ مٺي پيس ۽
راڻيءَ کي چيائين ته گنگا ڪناري هلي مان توکي منتر

ڪڏهين اچو ۽ اچي چانور کائڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو
آنند پايو.

راجا ڇو مشڪيو؟

ڪٿليءَ جي اها ڳالهه راجا سينگ راءِ ٻڌي مشڪي
ڏنو. راڻيءَ کانئس مشڪڻ جو سبب پڇيو، پر راجا
ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڳالهه ڦيرائي ويو.

راجا جي کاڌي سان ماکي به هئي، جنهن جو ڦڙو
به زمين تي ڪريو ته مکين ٻين مکين کي سڏ ڪيو ته
اچو، راجا جي محل ۾ ماکيءَ جي ٻنڊ وهي آهي.
اچو ۽ اچي ماکي کائو. راجا مکين جو اهو ڳالهائڻ ٻڌي
به مشڪي ڏنو. راڻيءَ وري به مشڪڻ جو سبب
پڇيو، پر وري به راجا جواب ڏيڻ کان نٽائي ويو.

راڻيءَ ڪيو ضد

راجا مٿي تي لڳايو هو سرهو تيل، سرهاڻ تي ڀنئور
حيران، ڀنئور هڪ ٻئي کي سڏي سرهاڻ جو آنند وٺڻ
لاءِ نوتو ڏيڻ لڳا. راجا وارن کي اوڏي مهل ڦڻي ڏيئي
رهيو هو ۽ هن ڀنئورن جو ڳالهائڻ ٻڌي وري به
مشڪي ڏنو.

هاڻي راڻيءَ ضد ٻڌو ته مون کي مشڪڻ جو سبب
ٻڌايو. اوهين اڄ ڇو ذري ذري مشڪي رهيا آهيو
۽ شل نه ڪا استري ضد تي چڙهي، پوءِ ته سندس
اکين تي اونده اچو وڃي ۽ رسي، روئڻهارڪو منهن

راجا ۽ راڻيءَ جي آکاڻي

ناگ جو ور ۽ ڏنل منتر

پراڻي زماني ۾ وارانسي (بنارس) ۾ راجا سينڪ راڄ ڪندو هو. راجا دلاور ۽ وڏي دل هو. هڪ ڏينهن جڏهن شهر جي چڪر تي نڪتو ته ڏٺائين ته ڪجهه ٻالڪ هڪ ناگ کي پٿر هڻي ماري رهيا آهن. راجا ناگ تي دَيا کائي ٻارن کي ڀڄائي ڇڏيو ۽ ناگ کي گنگا ۾ ڇڏيو.

اهو ناگ هو ناگ راجا. تنهن مهاراجا کي آسيس ڏني ۽ کيس هڪ منتر سيکاريو، جنهن کي جپ ڪرڻ سان راجا ۾ اها شڪتي آئي جو هو هر جيو جنتو، پکين ۽ پسن جي ٻولي سمجهندو هو.

راجا کي ناگ راجا اهو به چيو ته هي منتر ٻئي ڪنهن کي نه ٻڌائج ۽ جنهن وقت تو اهو منتر ٻئي ڪنهن کي ٻڌايو ته تون مري ويندين. راجا اهو منتر جهپيو ۽ هيڪل تي رسوئي ڪري اچي ويٺو ته کاڌي جي ٿالهيءَ مان ڪي جانور هيٺ زمين تي ڪري پيا. جانورن جي سڪند تي هڪ ڪتلي اچي چڪي آئي ۽ هن زور زور سان ونجي لڌو ڏنو ته راجا جي محل ۾ جانورن جا انبار ڪري پيا آهن، سب

مقدمه

[illegible]
[illegible] (اصول) [illegible]
[illegible] قانون [illegible] اصول [illegible]
[illegible] (قانون) [illegible]
[illegible] قانون [illegible]
[illegible]
[illegible] کتاب [illegible]
[illegible] کتاب [illegible]
[illegible]

ٻالڪو

پنڪتن

ٻالڪن ۾



پروفيسر ڪلدو

ڇپايل ١٠٠٠ ڪاپيون ... قيمت ... رپيا

حق واسطا ڪاتب

ميگهراج ٻالي ساهت منڊل ماهوار – سال ١١ – پستڪ ١

ڇپائيندڙ:
رميش ڪلدو ڊال هرچاڻي
بلاڪ نمبر ...ال گهر نمبر ١١١، الهاس نگر ٥

پڙهو ساڳئي ليکڪ هرُ جانيءَ

جـــا

سنڌي، هندي، انگريزي ۽ اُردو ڪتاب

۱- ديوان بيدل ڀاڱو ۱ ۽ ۲ هرهڪ اڍائي رپيا
۲- ديوان بيڪس قيمت اڍائي رپيا
۳- ديوان بيدل ۽ بيڪس گڏيل ۵ رپيا
۴- ديوان دلپت ڀاڱو ۱ ۽ ۲ هرهڪ سوا رپيو سادو ٻڌو
۵- ديوان دلپت ڀاڱو ۱ ۽ ۲ هرهڪ اڍائي رپيا اوچو ٻڌو
٦- روهڙيءَ جا رهبر قيمت سوا رپيو
۷- مجموعه ڪلام شاعران سنڌ و هند. اُردو سوا رپيو
۸- شاه جو رسالو هرهڪ سر انگريزي ترجمو اڍائي رپيا
۹- شاه جو رسالو هرهڪ سر هندي ترجمو سوا رپيو

۱۰- ٻڪرو ٻچڙو ۱۱- وڏن ماڻهن جون ڳالهيون
۱۲- وڻائي فقير جا ٽوٽڪا ۱۳- خطءِ ڏاتري
۱۴- تواريخي ٽوٽڪا ۱۵- اعتبار ڪندا
(قيمت هرهڪ ٦۰ پئسا)

۱٦- چرين ڪهڙا چٽ ۱۷- وڏو ڪير؟
۱۸- بيدل جو وحدت نامه ۱۹- سچل جو ڌارنامه
۲۰- بيدل جو سرود نامه ۲۱- سچل جو رهبر نامه
(قيمت هرهڪ سوا رپيو)

۲۲- دنيا جي مشهور ماڻهن جي محبت قيمت ڏيڍ رپيو
۲۳- شادي خانه آبادي يا بربادي قيمت ڏيڍ رپيو
۲۴- رميش ڀيءَ (پروفيسر هرُ جانيءَ جو جيون) ڏيڍ رپيو

ڪميشن سوا ۳۳ سيڪڙو. ٽپال خرچ جدا. آرڊر موڪليو

سنڌ-هند ڪتاب گهر، اي ۱۱۱/۱۹، الهاس نگر ۵.

ٻه اکر

هسٽري لفظ انگريزي لفظ His+story يعني هن
جي ۽ هڪ ڌاري ماڻهوءَ جي ڪهاڻي آهي. پر هند جي تاريخ
۾ هن جي ملڪ ڪالهه جي سر زمين جي تاريخ، لڙائين ۽ ملڪ
فتح ڪرڻ ۽ ٻاهران آيل حملي آورن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ انگريز تاريخدانن
جي ڪتابن ۾ لکيل اهي گهڻيون ڳالهيون سراسر غلط آهن
۽ ڪجهه ته راجائن ۽ بادشاهن جي روايتن تي لکيل آهن ۽
هندستان جي ماڻهن کي نٿي ڏسي آهي. هن ڪتاب ۾
انهن جون ڳالهيون ۽ لٽيرن ڳالهين جي عوض تاريخي
نوٽس ۽ انهن کي سچي تاريخ مڃيندي.

ڪتاب جا ٻه ڀاڱا آهن پهريون ۽ ٻيو. پهريون تاريخي
نوٽس، ڪاڻ ڀاڱي ڏنل آهن جي پهرين تاريخ مختلف ۽
انگريزن جي ڏنل جا آهن ۽ ٻيو تاريخي نوٽس،
سماجي ڀاڱي جا ڪارڻ ـــ هندستاني عوام ۽ سرڪار ۽
ڪانگريس ليڊرن جا بيان آهن. جيڪي سڀ ڪتاب جي
پهرين ڀاڱي جي حوالي ۾ ڏنل آهن ۽ ٻيا تاريخي
نوٽس ۽ ڪالم جا اڳواڻ سان ڳالهه ٻولهه جي ڏينهن ۽
موقعن مطابق ڏنا آهن. اهي سڀ جو آهي ڏاڍا ماڻهن
جي جاکوڙ، ڪاڙهي، لکيل وغيره جو مان سمجهي
مون پاڻ ڪڍ ڪئي آهي جيئن اوهان انهن سمجهي ان
ڏسي سگهو ٿا.

ليکڪ

آگريون هميون هون ۽ پر جڏهن صورت ۾ واڪ وڏو ٿيو
۾ نه آيو ته نيم مهل ڪري ورتي پٽي ڪنهن ڏينهن
تي رکيو ويو. ايتري ۾ انگريزن جي هن ڪڏائي تي
اينڊو ته شور پيدا ٿيو جو حال اهو نيلام رکيو ويو ۽
پوءِ لارڊ ڪرزن اچي قاعدي موجب انهن آستانن جو
هميشه لاءِ بچاءُ ٿي ويو. نه ته ســـ اڄ تاج محل ۽ ٻيا
يادگار برباد هجن ها، انهن جو نشان به نه هجي ها،
صرف نالا ياد هجن ها، جي به انهاس جي ابتن پستڪن
پڙهائڻ ۾ سان مٽايا وڃن ها يا انهن کي ٻچه ڏيکاريو
وڃي ها!

(وڌيڪ لارڊ ڪرزن ۽ ٻين انگريز گورنر جنرلس
لاءِ پڙهو، هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو)



ڇپرايل شيوڪرام سامتاڻي "مهيش" پرنٽري
١٠-اي مين بزار، الهاس نگر ۴ ۾ ڇپيو.
رميش گرڌاريلعل هرجاڻي سنڌ-هند ڪتاب گهر
بلاڪ ب ١١١/١٩ الهاس نگر ۵ ڇپائي پڌرو ڪيو

تاج محل ڊاهرائي پٽ ڪرڻ جو نيلام

اعتبار نه ڪندا، پر اها حقيقت آهي ته لارڊ وليم بينٽنڪ جڏهن ڀارت جو وائسراءِ هو، جنهن جي زماني ۾ سرڪاري طرح فيصلو ٿيو ته آگري ۾ جيڪو تاج محل اوچو ٿانڀو ڪيو آڪاش سان لڳو لڳائي بيٺو ڀارت جي ڪاريگريءَ جي هاڪ چوڌاري ڦهلائي، تنهن کي ڊاهي ڊهي پٽ ڪري ـــ رهندي بانس ۽ نه رهندي بانسري! تاج محل اُن نه هوندو ته ڀارت جي اوچي تهذيب جي شاهدي اُتي ڪهڙي؟ هڪ ڏينهن آگري ۾ ڍنڍورو لڳايو ويو:-

"خلق خدا کي،
ملڪ بادشاهه کا،

حڪم بهادر انگريز ڪمپني ڪا ـــ تاج بيبي (تاج محل) جو مشهور عام طرح نيلام ڪيو ويندو جنهن کي ٻاهي ڀلي ۽ سادات ڪمپني سي غلامي ڏينهن اچي واڪ ڏين."

اهو ٻڌائي جو حڪمران انگريزن جي منهن تي ڪارنهن جو داغ لڳي رهيو آهي ۽ جنهن جون نشانيون ڪاغذن ۾ اڄ ڏسي سگهجن ٿيون. ۽ سچ پچ عام نيلام ٿيو پر ڪير خريد ڪري هڪڙو سندر ۽ شاهڪار يادگار ۽ ٻئي ڀتين وٽي هندن ۽ مسلمانن جو گڏو ڪم ڪرڻ نه چاهيو. ڪي ٿورا انگريز ۽ ڪارا سرزمين تي واڪ ڏيڻ لڳا ۽ باقي ڏسندا رهيا ۽ ٻڌندا رهيا اهي واڪ ۽ ڏيندا رهيا

انهيءَ ٻلي خرچ پيا ٿين- پراڻن يادگارن جي سنڀال ٿي رهي آهي، انهنجي مرمت ٿيڻي ٿئي ۽ دنيا جا ماڻهو اهي جهونيون عمارتون ڏسڻ پيا اچن ۽ ڀارت جي ڪلا مٿان گهور ٿيا پيا وڃن.

جي لارڊ ڪرزن ائين نه ڪري ها ته هن کان اڳ، ڀارت جون اهي جهونيون عمارتون، مندر ۽ مقبرا نيست نابود ٿي وڃن ها!

شاهجهان جو حمام ٻهرائڻ: دهليءَ ۾ شاهجهان بادشاهه جي سندر سنان جي جاءِ ڏسي انگريز سهي نه سگهيا ته ڪو ماڻهن کي پتو پوي ته اڳي هو ڪيئن نه آرام ۽ سک سان رهندا هئا، تنهنڪري فيصلو ڪيو ويو ته اهو حمام سڄو پٽي، اهي اڪرايل سنگمرمر جا پٿر، در دروازا سڀ ڪٽائي، لنڊن موڪلجن ۽ اتي ساڳئي سامان مان ساڳئي نموني جو شاهي گهراڻي لاءِ حمام ٺهرائجي ۽ اهو شاهجهان جو سندر حمام جنهن تي هيرا جواهر موتي ماڻڪن جو ڪم ڪرايل هو سو پٽايو ويو ۽ هيرا جواهر موتي ماڻڪ سرڪاري خزاني ۾ رکيا ويا ۽ پٿرن کي باقاعدي سنڀال سان کوکن ۾ بند ڪرايو ويو ۽ اهائي ڪوشش رهي ته اهي سڀ پٿر انگلنڊ ڪن جهازن ۾ ڪٽائي موڪلجن پر اهڙو سارو وزن ڪهڙن جهازن ۾ کڻندو. ڪوبه رستو پٿرن موڪلڻ جو ٿي نه سگهيو ۽ اهي نقش ٿيل پٿر ڀارت ۾ ئي آخر رکيا ويا. اڄ ڪٿي آهن اهي پٿر؟

ٺهرايو هو ۽ سنه ١٥١٢ع ۾ ٺهيو هو. ٻيو عام طرح انهيءَ کي ٻيرنال جو محلات ڪوٺيو ويندو آهي. ٻيو ڪيترن اتهاس ڄاڻن جي راءِ آهي ته اهو محلات بيڪانير جي راجا پنهنجي ڌيءَ لاءِ ٺهرايو هو ۽ خاص ڪاريگر راجستان ۽ ٻين هنڌان گهرائي اهو محلات ٺهرايو ويو هو، ٻيو اهو محلات انهيءَ زماني کان وٺي اڄ تائين ٻيرنال جي نالي ٻنيان مشهور آهي.

يادگارن جو بچاءُ - لارڊ ڪرزن اچي ديرو ڄمايو انهيءَ محلات ۾، ٻيو سڄي رات ننڊ نه ڪيائين. ٻتيون روشن ڪرائي هڪ هڪ پٿر، هڪ هڪ ٻاسي اکريل ۽ نقش ڪيل چتر ڏسڻ لڳو ۽ انهن چوٽ ۾ وڌاءُ ڪين ٿيندو هو. اڌ پٽ ڪلا ڏسي مٿس موهت ٿي ويو ۽ وڌيڪ پاڻ ۽ ٻين کان انهن تصويرن جو نقل ڪڍائڻ لڳو، جيترا ڏينهن ۽ راتيون اتي رهيو ته اهائي هئي لارڊ ڪرزن جي ڪرت ۽ دل ۾ ٺهيائين ته ڪئن هنري ڪلا جو بچاءُ ڪجي ۽ گهڻي ڳڻ ڳوت بعد هڪ قاعدو انهي محلات ۾ ورتو، ناهيائين ته جهوني زماني جون جيڪي به نشانيون، محل ماڙيون، مقبرا، مسجدون، مندر ۽ ٻيا هنڌ آهن سي سرڪار پنهنجي قبضي هيٺ آڻي ۽ انهيءَ بچاءَ لاءِ سڀني نمونن جون ڪوششون وٺي. سرڪار باران، ڏيون رقمون انهيءَ لئي خرچ لاءِ جدا رکيون ويون ۽ انهيءَ بعد ٿي ڪرزن ريا هيتائين

ڪنهن ٻنگالي رئيس ٻهوت ٻڌي ڏنو ته انگريزن جي
برخلاف جدوجهد جاري رکي ته آخر ڪورٽ ۾ پهچي
ڪٿي ڪيس ڏيئي ويٺو. ان ڪري اڄ ڏينهن تائين
سنڌي جو ڳهوارو تمام ڪمزور ۽ اهڙو ڪو سڄي
باوجود انگريزن جي برخلاف اهو پنهنجي ووٽ.

راجا ديوان جو بهتان: آخر ڪورٽ ۾ ڪيس
جو فيصلو ٿيو ته ڏسڻ لاءِ بادشاهه جو والد ۽ بهادر
۽ دل اندر جي مثال ۽ وقت بابت ڪجهه اهڙو
اچي ۽ انهيءَ سوال بابت مشهور ڪري ۽ انهي سوال
شروعات ۽ سوال ڏيکارڻ ته بابت وچ بر ڪري ٿو
معاملو بابت پهچي انهن بابت ڏسي ڪورٽ ڪيس ته
بابت ڪجهه معاملو ۽ انهن وقت تي پهچايو. اڪثر
جو معاملو ۽ ڏکين ۽ ڏاڍين ڏيا ۽ وڌيڪ پوري دل ۽
دل وارن جا معاملو تي انهن سوالي ڏسڻ لاءِ فيصلو
ڪرڻ ! بابت وڪيل ته راجا ديوان جي معاملو ۽
۽ اهو ديوان جو معاملو ايا ۽ مشهور ڪري ۽ پهچي
اهو بابت ڪري ٿيا تي بزدلي رهيو آهي ته باوجود ۽
ڪجهه ته اوچي ٿو وڃي جي ڪلا ڪٿي، جا ڏسڻ
ٻڌڻ جي شهرت ۽ جا ڏسڻ لائق! هڪ هڪ ٻه
تي نام بهر تيرهه ڪٿي.

ڪاڏن ٿيو: ڇون تا ته بادشاهه اڪبر اهو
معاملو ساڳي طرح ڏاڍو ڏکيو ولي ديوان جي ڏني، اهو

۾ گذرندو. البت شاهي سڪو سڀ اوهانکي هوندا. ... ۽ حقيقت ۾ شاهجهان کي سندس پٽ اورنگزيب بند ڪري رکيو هو.... اورنگزيب کي جڏهن انهيءَ اڳڪٿي جو پتو پيو ته گهاسيرام جي پوين کي چڱا انعام ڏنائين ۽ گهاسيرام حويلي سندن لاءِ موروثي ڪياءِ. اڄ به پنڊت گهاسيرام جو اولاد انهيءَ حويليءَ ۾ رهندو آهي ۽ حويلي جو نالو ”پنڊت گهاسيرام حويلي“ آهي.

لارڊ ڪرزن ٻيربل جي محل ۾ حيران ٿي ويو

لارڊ ڪرزن انگلنڊ جي شاهي گهراڻي جي نسل ۾ ويجهو هو. هو وڏو ودوان هو ۽ سندس آشائون اوچيون هيون هنکي ڀارت جو وائسراءِ ڪري موڪليو ويو ۽ سندس من جي مراد اهائي هئي ته ڀارت تي دٻدٻي سان حڪومت ڪريان ۽ سندس حڪمن جي اُئين پيروي ٿيڻ گهرجي جئين آڳاٽي زماني ۾ هند جي مهاراجائن ۽ مغلن جي بادشاهن جي ٿيندي هئي. ۽ هندستان ۾ اچڻ بعد هو ساڳئي طرمان ۽ ناٽ سان رهڻ لڳو.

. نوٽ مغز: وائسراءِ لارڊ ڪرزن روشن دماغ هو پر ساڳئي وقت نوٽ مغز به هو ۽ طاقت جو گهمنڊ گهڻو هوس. قلم جي هڪ ليڪ سان هن بنگال جو ورهاڱو

ماڻهن جي وات کي ڪير روڪي؟ منشي پراڻي شڪر
تي اهو نالو اهڙو ته پڪي ويو جو اڄ تائين سندس پوين
کي به "نمڪ حرام ڪوچي وارا" ڪري ڪوٺين ۽ اڄ
به ڪوچي تي اهو نالو پيل آهي. پيا نالا ڦريا پر نمڪ
حرام ڪوچي جو نالو جئن جو تئن ساڳيو رهيو.

نيڪ نام حويلي: بدنامي سبب جي نمڪ حرام
ڪوچو مشهور آهي تئين نيڪ نامي سبب پاسي وارو
گهاسي رام ڪوچو پنهنجو شان اڄ به اوچو جهليو بيٺو
آهي. شاهه جهان جي ڏينهن ۾ گهاسي رام پنڊت هڪ
مشهور جوتشي هوندو هو. پنهنجي وديا ۾ هوشيار هو.
روزانو شاهه جهان جي مکيه ڪمن ۽ ڳالهين لاءِ مهورت
ڏيندو هو. شاهه جهان ڪوبه ڪم سندس صلاح کانسواءِ
نه ڪندو هو. وقتي پنڊت گهاسي رام ڪاغذ تي ڏينهن
جا ڪم ڪاريون لکي بادشاهه کي ڏيندو هو ۽ چوندو
هوس ته رات جو اهو ڪاغذ پڙهج ۽ نتيجو اهو نڪرندو
هو جو ڏينهن جا ڪيترا مکيه ڪم ڪار ڪاغذ پٽاندڙ ٿي
نڪرندا هئا.

اڳڪٿي- پنڊت گهاسيرام هڪ تعويذ ۾ اڳڪٿي
ڪري شاهه جهان کي ڏني هئي ۽ چيو هوائين ته
هيترن سالن کان پوءِ اهو تعويذ کولج ۽ جڏهن انهيءَ
وقت تي تعويذ کوليو ويو ته لکيو پيو هو ته تنهنجو
اولاد تنهنجو دشمن ٿيندو ۽ اوهانجو وقت بندي خاني

۾ هن هڪ پنهنجي شاندار ڪوٺي ٺهرائي ۽ مسجد
جي ويجهو ٺهرائي. ڪوٺيءَ جي اڳيان اوچا ۽
شاندار ٿنڀا. انهن ڪوٺين ڍاهڻ بعد دهليءَ جي سڀني
جي طاقت ۽ ونئي ۽ مرهٽا ۽ ملڪ چاڙهي وڃي. وڃڻ
واري منشي پيالي شڪر وٺي انگريزن جي پاس ١٨٠٣
۾ آيا پنهنجو هٿ دهلي جي ڪٺي انهن جي سوٽ
ملڪ منشي پيالي شڪر جي هٿ.

انگريزن وٽ دانهن: دهلي جا ماڻهو پيالي شڪر
جا ڪرتوت جاڻندا هئا ته منشي انهن ڪري "لوڻ
حرام" يعني ڪيو سڏڻ لڳا جنهن کي "لوڻ حرام ڪوٺي"
سان مشهور ڪيو. ڪوٺي اڳيان لنگهي ته انهيءَ ڪوٺي
طرف لڪ اڇلائيندا ۽ "لوڻ حرام" چوندا ويندا. منشي
پيالي شڪر کي ماڻهن جي انهيءَ روش سبب ڪاوڙ
لڳي وئي ۽ پنهنجي آقا انگريزن کي دانهن ڏني ته
ماڻهو مونکي لوڻ حرام ڪوٺي ڪري تنگ ٿا ڪن.
انگريزن ڪيس دلداري ڏني ته اسين هيڏانهن ڪو قدم
کڻنداسين.

انگريزن شهر ۾ منادي (ڍنڍورو) ڦيرايو ته جيڪو
به منشي پيالي شڪر کي "لوڻ حرام" چوندو تنهن
کي سخت سزا ڏني ويندي. منادي ڦيرائڻ سان اڃا
سڄي شهر ۾ ڳالهه ڦهلجي وئي ته منشي پيالي شڪر
"لوڻ حرام" آهي اڄ تائين کيس اها سڏ پوندي رهي.

دهليءَ جي "نمڪ حرام حويلي"!

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

ڪيتا مارايا ويا، مجاور فقير ٻارڙو ڏنو ته خالق جي پيدائش هٿان ناس ڪرڻ گناهه آهي ۽ اوهين مدعفو نه هئي نه رهندا.. ...

اهو ڏٺئون ۽ هي ڏينهن ننڍپڻ سڳري اجاڙ ٿي ويئي.

ٻچو ساڦو! ٻچو ساڦو ڪي وارو وري ويو ۽ ڪابل جي بادشاهي ”چار ڏنون ڪي چاندني“ ڪمايائين، پهريون حڪم اهو ڪيائين ته سڀ بهشتي (پخالي) جيل ۾ وڌا وڃن جو مان آهيان اصل بهشتي، مٿان مون تي ٺٺولي ڪن يا ڪو مصنوعي رچين! ساءِ! پوءِ محل ۾ پاڻي ڪير آڻيون؟ جي پخالن بدران سرهاڻن ۾ امير امراء پاڻي ڀري اچن. حڪم جي پيروي ٿي ويئي ۽ ٻچي ساڦوءَ جي حبشي زال ائيان اميرن جون بيگمون پاڻي ڀرڻ لڳيون!

اميرن کان پڇڻ لڳو ٻچو ته ـــ اوهانجو هيٺر درجو ڪهڙو آهي؟ جي اسين اوهانجا بهشتي پاڻي ڀريندڙ ٻچوءَ کي بهشتي لفظ بدران ڪنيلي ٿي ويئي ۽ سڀ امير وڏائين ڪاڻ ۾ جي مونکي بهشتي اگر چيو ته ڏيار ياٺون. اها مون تي ٺٺولي آهي.

[illegible]

[illegible]

[illegible]

سان جمنا جو نظارو ڏسي رهيو هو ته جمنا مان هڪ ٻيڙي ماڻهن سان ڀريل اچي لنگهي.

لعل ڪنور مرضي ڏيکاري ته مون ڪڏهن به ماڻهن سان ڀريل ٻيڙي ٻڏندي ڪانه ڏٺي آهي. بس لعل ڪنور جو ايترو چوڻ ۽ بادشاه حڪم ڏنو ته ٻيڙي ماڻهن سوڌي ٻوڙي وڃي ۽ ٻيڙي حقيقت ۾ ٻوڙي وئي. دهليءَ ۾ چرچي آهي ته ”بادشاه محبت وچان ٻيڙي ٻوڙي ماڻهن سوڌي.“

بيربل جو موت: اَڪبر بادشاه جو پيارو وزير بيربل اَٽڪ وٽ پٺاڻن سان وڙهڻ لاءِ لشڪر وٺي ويو ۽ اُتي مارجي ويو. پر بادشاه کي اها دکداني وارتا ڪير ٻڌائي؟ ڪنهن کي جرئت نه ٿي پئي. آخر دربار جي چارڻ جي سپني شرط ورتي. چارڻ بادشاه اَڪبر کي هن طرح بيت بازيءَ ۾ احوال ڏنو-

ڪٽڪ اٽڪ ۾ اٽڪ رهي - اٽڪ نه آيو هاٿ
سڀ شوڀا دربار کي - گئي بيربل ساٿ.

اڪبر پاڻ به ڏرندڙ ڪوي هو- سڀو مطلب سمجهي ويو ۽ بيت بازيءَ ۾ جواب ڏنائين:

پيٿل سون مجلس گئي - تانسين سون راڳ
ريجه ٻول هنسي کيلبو - گيو بيربل ساٿ

پان ۾ چنو: اول اول پان ۾ چنو ڪونه وڌو ويندو هو، پان ۾ صرف سوپاري، ڪٿو ۽ ٻيو مصالح پوندو هو، هڪ

آيو ۽ آڇي چيائين ته خدا جي گڏهه جو اهو پيو ڪر آهي. بادشاهه ڪيس انهيءَ ڪم لاءِ به هڪ سؤ اشرفيون ڏياريون. ٽئين ڏينهن ٽئين ڪم لاءِ به هڪ سؤ اشرفيون ڏياريون ۽ چوٿين هڏي لاءِ به هڪ سؤ اشرفيون.

درٻارين سمجهيو ته درويش جي چالاڪي هينئر پوري ٿي پر مڃاڻ ته ٻئين ڏينهن اهو درويش وري به آيو ۽ هڪ ڪر آڇي بادشاهه اڳيان پيش ڪيو ۽ وري به هڪ سؤ اشرفيون وٺي روانو ٿيو.

درٻارين کان اها ڳالهه سٺي نه وئي ته بادشاهه سلامت اڳيان عرض ڪيو ته گڏهه کي ٽنگون چار ٿين، پوءِ هي پنجون ڪر ڪٿان آيو؟

سلطان فرمايو ته ممڪن آهي ته انهن پنجن ڪرن مان ڪو هڪ ڪري ٽنگي ۽ دولاب جو هجي. ملاوٽي هجي. مونکي ته خدا جي گڏهه جا چار ڪر هاٿي ضرور ملي چڪا. اهائي منهنجي لاءِ وڏي نعمت آهي. درٻاري دل ۾ ڪلڪ لڳا ۽ پوسريا ته پر ٻاهران چيائون ته ائين ڀلا ائين.

ٻيڙي ٻوڙڻ: جهاندارشاهه ١٧١٢ع ۾ دهلي جي تخت تي هو. هو لعل ڪنور ناچڻي مٿان موهت هو ۽ سندس سڀ اڇائون پوريون ڪندو هو.

هڪ ڏينهن جهاندارشاهه جڏهن قلعي مان لعل ڪنور

ته پکال پاڻيءَ جي ڀري آءُ انهيءَ پکال مان پنج ڇهه وٽا پاڻيءَ جا يڪدم پي ويو.

مغل بادشاهه محمدشاهه عرض ڪيو ته هيترو پاڻي ۽ هيترو پاڻي ڪيئن ٿا پيئو؟ ته جواب ڏنو نادرشاهه ته اِنين پاڻي پيئندو ته هتي ايران کان پهتو آهيان. مريض ڪونه آهيان جو مريضن وانگر دوا ڪري پاڻي پيئندس! نازڪ طبيعت جي عادت پاڻ مان ڪيڊون!

نادرشاهه کي پيو پيٽ ۾ سور ته دهليءَ جي حڪيم کيس گلقند ڏنو ته کائو. نادرشاهه کي گلقند ڏاڍو وڻيو ته جهٽ سڄو دٻو گلقند جو چٽي کائي ويو.

خدا جو گڏهه! سلطان ناصرالدين هڪ ڪٽر مذهبي هو ۽ مذهب جي نالي تي کليل هٿن سان خيرات ڏيندو هو.

هڪ ڏينهن هڪ درويش سندس دربار ۾ آيو ۽ ريشم جي ڪپڙي ۾ ٻڌل هڪ هڏو سلطان کي ڏنو. سلطان هڏو ڏسي چوڻ لڳو ته ڏسجي ٿو ته هي هڏو ڪنهن جانور جو کر آهي.

درويش فرمايو ته جي بادشاهه سلامت! اهو هڏو خدا جي گڏهه جو کر آهي.

بادشاهه خوش ٿي کيس هڪ سؤ اشرفيون عطا ڪيون.

ٻئي ڏينهن درويش ٻيو هڏو ته ساڳيءَ طرح کڻي

سگهي ڪو غيرت جو! مون نه صرف اوهان جي سڀ
جي آزمائش ٿي ورتي، مون لاءِ اوهين پيٽ ڌيءُ
سمان آهيو ۽ اوهان ۾ ڪا به شناس ڪانه آهي.

نادرشاهي نمونا: ايران ۾ هاٿي ڪونه ٿين.
نادرشاه جڏهن دهلي ۾ آيو ته کيس هاٿيءَ تي چاڙهيو
ويو. اڳيان ماهوت هاٿيءَ کي هلائڻ لاءِ ويٺو ته نادرشاه
کيس چيو ته هاٿيءَ جي واڳ منهنجي هٿ ۾ ڏي.
ماهوت جواب ڏنو ته هاٿي کي واڳ سان نه هلائبو
آهي ۾ هاٿيءَ کي ڪنڍيءَ سان هلائبو آهي.
وراڻيو بادشاه ته جنهن تي سواري ڪجي ۽ انهيءَ جي
واڳ هٿ ۾ نه هجي ته اهڙي سواري نه ڪجي. انهن
ڪري نادرشاه هاٿيءَ تان لهي پيو.

ٻيو نادرشاه جو پيو ٽوٽڪو- نادرشاه دربار ۾
ويٺو هو ۽ حڪم ڏنائين ته پيئڻ لاءِ پاڻي ڪٿي آڻيو. مغل
بادشاهن جي پاڻي جو بندوبست اهو هوندو هو ته
خالي دلو ننڍي يا وڏي پاڻي جي هود ۾ وڌو ويندو
هو ۽ دلي جي پاسن کان پاڻي سمي وڃي پوندو هو،
اهو صاف پاڻي سوني گلاس ۾ پري بادشاهن کي ڏنو
ويندو هو. دربار ۾ نادرشاه کي به انهيءَ نموني پاڻي
ڏنو ويو ته وراڻيو نادرشاه ته هي پاڻي بيمارن جي
ڪيتري راند آهي! حڪم ڏنائين منهنجي پيئڻ کي

جوونا تواريخي ٽوٽڪا

بيگمن تي ڦٽڪار: نادرشاھ دھليءَ ۾ قتل عام ڪرائي شاهي محل مان نڪتل ٻن ٽيهن بيگمن کي پنهنجي روبرو خاص باغ ۾ گهرايون ۽ ڪجهه وقت انهن سان رنگريليون ڪرڻ لڳو. انهن جي هٿن مان شراب وٺي پاڻ پيئڻ جو ڏيکاءُ ڪري شراب هٿئي هٿئي هاري ڦٽو ڪرڻ لڳو ۽ بيگمن سان هلت اهڙي ڪرڻ لڳو ڄڻ ڪ شراب جي نشي ۾ چُور ٿي وڃي ويو هجي. بيگمون به ساڻس رليون رهيون. آخر انهن شراب جي نشي وچان پنهنجي تلوار ڪڍي پاسي ۾ ڦٽي ڪيائين ۽ ٻوڙچت ٿي ڪيترو وقت باغ ۾ پيو رهيو ۽ بيگمون سندس آسپاس ويٺيون رهيون يا بيٺيون رهيون. نادرشاھ ڪيترو وقت انهن پيو رهيو ۽ اک ٻيت سان حالتون جاچي رهيو هيو. آخر ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ سڀني بيگمن کي پاڻ وٽ سڏي چيائين ته مون ته ڏسڻ ٿي چاهيو ته اوهان ۾ ڪيتري غيرت آهي. مان اوهانجي حياءُ ۽ شرم سان کيلي رهيو هوس پر اوهان ۾ ايتري همت ۽ غيرت نه آئي جو ٻوڙان تلوار ڪڍي مون تي بيهوشي جي حالت ۾ پنهنجي بچاءَ ۾ وار ڪريو. ڦٽڪار آهي اوهانجي جيئڻ تي! اوهان ۽ ونشاڻن جي ڇهڻ لفاوت ڪهڙو؟ اوهين شاهي گهراڻي جي داغ آهيو! مان خيال پيو ڪريان ته ڇونه مان اوهان کي پنهنجن فوجي ماڻهن ۾ ڦٽو ڪريان ۽ دنيا سبق

هيٺين فوٽو ۾ دادا ماولنڪر آزاد ڀارت جي لوڪ سڀا جو
ڀريون اسپيڪر سامهون ويٺو آهي ۽ شري دوبندر ناٿ ڏڪ...
جو هن وقت آل انڊيا ريڊيو اسٽيشن، بمبئي جو ڊائريڪٽر آهي
تقرير ٿو ڪري ۽ ليکڪ مهاشيه هو 'جائي' ۾ انهن سان ڳ...
ويٺو آهي.

ساڳي ليکڪ جا ٻيا سنڌي ڪتاب

١- شادي: خانه آبادي يا بربادي؟ — قيمت ڏيڍ روپيه
٢- دنيا جي مشهور ماڻهن جي محبت — قيمت ڏيڍ روپيه
٣- عورتن کهڙا جيت، مڙن کهڙا معاملا — قيمت ڏيڍ روپيه
٤- ملڪ جا مدار، ٽال اوستا ۽، ٻاڳو ا، ٢ : ٣، [illegible]

ڪميشن سوا ٣٣ سيڪڙو

ٽپال خرچ جدا - آرڊر موڪليو

آيو ۽ بالڪل قرب سان پڇيائين ته ڪيئن آهي هاڻي تندرستي، ۽ ڇا کائيندين؟ نوجوان لاچارو ٿي چيو ته "مونکي ڪافي کپي". باپوءَ مشڪي ڏنو ۽ چيس ته ڏاڍو ڪو ننڍو ٿو ڏسجين، اڃا به ڪافيءَ جي طلب. چڱو مان تنهنجي اِڇا پوري ٿو ڪريان، پر ٿوسبت ۽ ڪافيءَ جو پيالو بس ٿيندو! ڪجهه دير ڪانپوءِ باپو بيئرر بڻجي هن جي لاءِ ڪافي کڻي آيو. باپوءَ چيس ته ڪافي آڻڻ ۾ دير لڳم جو ڪستوربا آرام ۾ هئي ۽ کيس اُٿاري ڪافي ٺهرائڻ واجب نه سمجهيم. اِسٽو ٻاري مون تو لاءِ ڪافي ٺاهي آهي... ڏس ٺهي آهي يا نه ۽ کنڊ پوري آهي يا نه؟ ائين چئي باپو مشڪندو ڪوٺيءَ مان هليو ويو.

جوان کي هاڻي هوش آيو ته دنيا جي هڪ مهان آتما سندس لاءِ اِسٽو ٻاري ڪافي ٺاهي آهي. خوشيءَ وچان اکين مان لڙڪ ڪري پيس. ڪيڏو نه مهان آتما هو باپو......

Printed by Shri Kishinchand Tirathdas Thakur at the 'Daleep Press', New Shop No. 180, Ulhasnagar 5 and Published by Ramesh G. Harjani, B-19/111, Ulhasnagar 5.

پڇڻ لڳي سردار ولڀ ڀائي پٽيل اکيون ڦاڙي ڦاڙي نهارڻ لڳو ۽ ڌيان سان ٻڌائين اهو سنڌي پڇڻ!

"باپو بڻيو بيڏرر" - جواهرلعل ڪڍي هوٽل سردار پٽيل بڻيو ڌوٻي ۽ ڌوئڻ لڳو ڪپڙا!

ساٻرمتي آشرم ۾ هڪ نوجوان مدراسي رهڻ لڳو. شروع شروع ۾ هن جوان کي آشرم جا قاعدا قانون ڏاڍا ڏکيا لڳا. جهڙو مدراس ۾ ڪاڌو کائيندو هو سو آشرم ۾ کائي نٿي سگهيو. آشرم جي ڪاڌي تي هريل ئي ڪين هو. مدراس ۾ نيم سان ڪافي پيئندو هو پر آشرم ۾ ڪافي ڪٿي ۽ هن جوان کي سڌ هئي ته باپو (مهاتما گانڌي) کي ڪافيءَ جي عادت نه وڻندي آهي.

ڪافيءَ جي عادت

ٿورن گهڻن ڏينهن بعد نوجوان بيمار ٿي پيو. باپو وقت به وقت کيس ڏسڻ ويندو هو. آهستي آهستي نوجوان جي تندرستي وڃي سڌرندي ۽ ٿورو ٿورو ڪاڌو به وڻڻ لڳو پر بستري ڇڏڻ جي اڃا منجهس طاقت ڪانه آئي هئي. ڪافيءَ لاءِ اڃا وڃي هيس وڌي پر نوجوان سمجهيو ٿي ته آشرم ۾ ڪافي ملڻ محال آهي تنهنڪري ماٺ ۾ رهندو هو.

نڙر نوجوان

هميشه جي دستور موجب اڄ به باپو کيس ڏسڻ

سنڌي مترن سان ڏٺ جو لاءِ مشهور ويل آهي.

مهاتما: ڪيئن سيائي صبوح جو ۴ بجي پرارٿنا ۾ ضرور وٺي اچجو جئن سردار ولڀ ڀائي، جو ٻيمار ڏيٺو ڪبر، رٿل ٿو رهي تنهن کي پنڊت جنتامڻي جي منوهر ڀڄن ٻڌڻ جو سندر موقعو ملي. مهاتما، سردار ولڀ ڀائي کي موڪل ڏني. ٿو ڪيئن جيائين ته صبوح جو ۴ بجي پرارٿنا ۾ ضرور اچج.

پرڀات ويلي

شام جو پرارٿنا وقت هزارين ماڻهو هئا پر پرڀات جي پرارٿنا وقت به سوين ماڻهو هئا ۽ شانتيءَ جو واتاورڻ هو! اوڏي مهل سردار ولڀ ڀائي پٽيل ننڍاڪڙو ٿيو ته به حاضر ٿيو. مهاتما گانڌيءَ سڏيو پنڊت جنتامڻي شاستريءَ کي ۽ ڪيئن جيائين ته اڄ پرارٿنا ۾ توکي ڀڄن ڳائڻو آهي. ڪالهه شام جو تون ڪونه هئين. هيئنر تنهن ڪري توکي ڀڄن ڳائڻا پوندا. نمسڪار ڪري پنڊت جنتامڻي شاستري مشڪندو اٿي ويهي ونو ۽ شن ٽڪاءَ ۾ مشهور سنڌي ڀڄن ڳايو:-

ٽيڏا مڪان واهه واهه
جت ڪٿ وسين ٿو تون
ٽيڏا مڪان عاليا
جاو ته آئيا هلي پسون...

سردار پٽيل - لوهي انسان

ملڪ جي ورهاڱي بعد ڪانگرا جو ٺاڪر ڪو اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو ۽ کيس وزير مقرر ڪيو ويو ۽ جڏهن ان ئي انهيءَ وزارت استعفا ڏني ته ٺاڪر صاحب به وزيريءَ کان ڇٽو. ويچارو پٽيل وٽ آيو ته ڪانگريس کا سفارش وزير ٿيڻ لاءِ وٺان. شري ولڀ ڀائي پٽيل سندس ڳالهيون ٻڌي کيس صلاح ڏني ته ڪانگرا جا اوهين رهواسي ڇو هئي وزيريءَ جي ڳالهين ۾ پيا آهيو؟ اوهين پنهنجا ڇانهه جا کيت سنڀاليو. مالڪ ٿي رهو ۽ نه هن طرح وزيريءَ جي پٺ پٺ ڪريو. اوهين ٺاڪر ڪڏهن ٿا وزيريءَ جي ڪتراڻن ۾ پنهنجا هٿ ڪارا ڪريو.

سنڌي ٻچن سردار پٽيل جون اکيون کوليون

ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس جي موقعي تي مهاتما گانڌيءَ جي ڪٽيا ٻاهران هزارن ۾ شام جي وقت ماڻهو اچي پرارٿنا وقت گڏ ٿيا. مهاتما گانڌي ڪانگريس جي پرڌان سردار ولڀ ڀائي پٽيل کي پرارٿنا تي ترسايو ۽ کيس چيو تہ هڪ ٻچن ٻڌي پوءِ وڃجو. سردار ولڀ ڀائي کي ترسائي مهاتما گانڌيءَ پنڊت چنتامڻي شاستريءَ کي سڏڻ لاءِ ماڻهو موڪليو، پر پنڊت چنتامڻي نہ پرارٿنا تي حاضر هو ۽ نہ پنهنجي ڪٽيا ۾. مهاتما کي ٻڌايو ويو تہ پنڊت چنتامڻي ڪن

۾ همت ڪٿي جو ڪجھه ڪهي سگهن! انهيءَ ماجسٽريٽ پنهنجي ڪورٽ ۾ رواج ڪيو ته هر هڪ شاهد سامهون رکيل وڏي آرسيءَ ۾ نهاري شاهدي ڏئي. ماجسٽريٽ جي هن هلت تي ڪنهن به ڪو اعتراض وٺڻ جي جرئت نه پيو ڏاري.

هڪ ڏينهن سردار پٽيل ڪي سنڌس ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻو هو ۽ ماجسٽريٽ پنهنجي هلايل رواج موجب شاهد اڳيان آرسي رکائي ۽ حڪم ڪيو ته آرسيءَ ۾ پنهنجو منهن ڏسي زباني ڏئي. سردار پٽيل انهيءَ تي اعتراض ورتو ۽ ڪورٽ کي چيو ته رڪارڊ تي اها ڳالهه اچڻ گهرجي ته شاهد کان آرسي اڳيان رکائي شاهدي ورتي ويئي. ماجسٽريٽ ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته رڪارڊ تي انهيءَ ڳالهه آڻڻ جو ضرور ڪونه آهي.

سردار پٽيل پنهنجو اعتراض چالو رکيو ۽ چيو ته جڏهن ٻيا ڪاغذ پٽ رڪارڊ تي آندا ٿا وڃن تڏهن شاهد سان واسطو رکندڙ هيءَ آرسي به رڪارڊ تي آندي وڃي جڏهن اپيل ڪرڻ وقت ٻين ڪاغذن ۽ چيزن سان گڏ اها آرسي به مٿي ڪورٽ ۾ پيش ٿي سگهي.

ماجسٽريٽ چپ ٿي ويو. جي ماجسٽريٽ پاڻ کي سير ٿي سمجهو ته اڳيان سردار پٽيل به سوا سير ثابت ٿيو ۽ ماجسٽريٽ ڪورٽ مان آرسي ڪڍائي ڇڏي ۽ پڻ سردار پٽيل سان ڪو منهن نه اٽڪايو.

سردار پٽيل سيشن جج اڳيان اُٿيو ۽ عرض ڪيو ته جوابدار تي جيڪو ڪيس ٻڌل آهي سو مهرباني ڪري شروع کان پڙهو ته مونکي ڪجهه پتو پوي.

سرشتيدار اُٿي چارج پڙهي جنهن ۾ لکيل هو ته جوابدار نالو...... پٽ...... عمر ٽيهه سال......

اتي سردار ولڀ ڀائي پٽيل سيشن جج جو ڌيان ڇڪايو ته جوابدار جي عمر ئي آهي ٽيهه سال ته ٻڌايو ته ٽيهه سال اڳي هن ڪهڙو گناهه ڪيو ۽ ڪهڙن ڪيس ۹ مهنا سزا ملي.

حقيقت ۾ ٽيهه سال اڳي جوابدار ماءُ جي پيٽ ۾ ۹ مهنا قيد هو. ڇا انهيءَ آڌار تي ڪيس سزاياب ڪيو اٿو؟

جج، سرڪاري وڪيل ۽ سپرنٽينڊنٽ جي هٿن مان ڇرڪ ته ڪجهه ڪري پيو ۽ جوابدار کي ڇڏيو ويو. جوابدار کي حقيقت ۾ گوري سپرنٽينڊنٽ جنهن ڪوڙي الزام هيٺ اڙايو هو سو اهڙو ته پشيمان ٿيو جو نوڪري ڇڏي ولايت هليو ويو.

سير جو سوا سير - سردار پٽيل!

تن ڏينهن ۾ سردار ولڀ ڀائي پٽيل احمدآباد ۾ وڪالت ڪندو هو. گجرات ۾ انهيءَ وقت هڪ گورو ماجسٽريٽ بلڪل گهمنڊي ۽ تندمزاج مقرر ٿي آيو. هو سيني وڪيلن کي پيو لفظ پٽيندو هو پر وڪيلن

سپرنٽينڊنٽ وٽ وڃ ويئي ۽ ٻاس ته ٽيهه سال اڳي مون کي ۹ مهنا جيل جي سزا مليل آهي. اوهين ٻين کان ڇوٽا ڀڇا ڪريو، مان ٻاس ٻاسيان ٿو، مهرباني ڪري منهنجي ٻچر ڪري ڇڏيو. گوري سپرنٽينڊنٽ کي ته ڪهندوئي اهو هو ۽ انهيءَ قبوليت جي آڌار تي جوابدار تي هيٺين ڪورٽ ۾ ڪيس هليو.

اوچتو شري ولڀ ڀائي ٻيمار ٿي پيو ۽ ڪيس هلائي نه سگهيو ۽ جوابدار کي ڇهه مهنا جيل جي سزا اچي ويئي ۽ آڌار اهو ته ٽيهه سال اڳي ٻه ٽن ماڻهوءَ ۹ مهنا جيل ڪاٽيو هو ۽ اها ٻاس ڀارط ٻاسي اٿس. ولڀ ڀائي کي جڏهن سزا جي سڌ ملي ته ڏک ٿيس، ڪوشش وٺي جوابدار کي ضامن تي آزاد ڪرايائين ۽ سيشن ۾ اپيل داخل ڪرايائين. سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس جي اپيل جو ڏينهن آيو. سردار ولڀ ڀائي پٽيل بچاءَ جو وڪيل ٿي حاضر ٿيو. سرڪاري وڪيل جوابدار تي ڪيس انهيءَ ڳالهه تي هاريو ته جوابدار عادتي ڏوهاري آهي هن ڀارط ٻاس ٻاسي آهي ته ٽيهه سال اڳي مون کي ۹ مهنا جيل مليو ٿو. جڏهن جوابدار خود اها ڳالهه قبول ٿو ڪري ته جوابدار جو وڪيل اسان جو دوست ولڀ ڀائي پٽيل ڪهڙي آڌار تي سندس بچاءَ ڪرڻ ٿو چاهي؟ ائين بحث ڪري سرڪاري وڪيل ويٺو.

...... مهاتما کي ڏنائين.

ڏنائين ته مهاتما جهڙو اوچ اڳوان پٽ تي ويهي کهڙو نه سادو کاڌو وينو کائي.

سندس نرم دل تي ڏاڍو اثر پيو ۽ مهاتما ۾ شردا ٿي ويس. پوءِ ته سروجني ويئي مهاتما گانڌيءَ جي ويجهو پوندي ۽ جنهن سادي کاڌي کان کيس ڪراهت پئي آئي سو هٿن سان ناهي جيل ۾ ۽ جيل کان ٻاهر مهاتما کي کارائيندي هئي. اها هئي سروجني جي پهرين ملاقات!

سردار جي وڪالت

سردار ولڀ ڀائي پٽيل جڏهن وڪالت ڪندو هو تڏهن هڪ ريلوي انسپيڪٽر عداوت جو شڪار ٿيو ۽ ريلوي (گوري) سپرنٽينڊنٽ مٿس چوريءَ جو ڪوڙو الزام آندو ۽ کيس گرفتار ڪرايو. سپرنٽينڊنٽ ڪوڙو ڪيس ته ناهيو پر کيس کي پڪي ڪرڻ لاءِ شاهديون ۽ ڳالهيون ڳولهڻ لڳو ته اڳي ڪڏهن هن ماڻهوءَ ڪي گناهه ڪيا آهن ڇا؟ جوابدار انسپيڪٽر کي انهيءَ ڳالهه جي سڌ پئجي ويئي ۽ سردار ولڀ ڀائي وٽ لنگهي آيو ته ڪيئن سپرنٽينڊنٽ مونکي اڙائڻ لاءِ وڌيڪ شاهديون هٿ ڪرڻ ٿو چاهي. جوابدار جو ولڀ ڀائي پٽيل جي هوشياريءَ ۾ پورڻ وشواس هو. سردار کيس صلاح ڏني ته تون خود

پٽيل ويو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڦيرو آڻيندو ۽ گانڌيءَ جي سنگ ۾ اچي سون تي چمڪيو پارت ۽ دنيا ۾...

سروجني دهلجي ويئي

سردار ولڀ ڀائي پٽيل وانگر ديوي سروجني نائڊو به ائين پهرين گڏجاڻيءَ سان مهاتما طرف ڇڪجي ويئي. مهاتما گانڌي جنگ جي ڏينهن ۾ ڪجهه وقت انگلنڊ ۾ هو. ديوي سروجني نائڊو لنڊن ۾ پلٽڻ جي سهائتا ۽ دوا درمل جي کاتي ۾ ڪم ڪري رهي هئي. هن ٻڌو هئائين ته ڏکڻ آفريڪا ۾ گانڌي به ملٽري جي شيوا پنهنجي ملڪ پٽي ڪندڙ ٽولي سان ڪئي هئي. سروجني چاهيو ته مان وڃي کانئس ڪم جي باري ۾ صلاح مصلحت وٺان.

آئي مهاتما جي جاءِ تي، پريان ئي ڏٺائين ته پنهنجي ميزبان جي جاءِ ۾ پلنگ ڪرسيون ڇڏي گانڌي پٽ تي آسڻي وڇائي در جي سامهون ويٺو آهي. ويٺي نيرن ڪيائين. نيرن ڪهڙي هئي؟ ڪانجهي، مگڦلي، کجور ۽ بيو ڪجهه اهڙو سستو ۽ سادو ميوو. ديوي سروجني کي ڏسي چيائين ته اوهين آهيو سروجني نائڊو بلبلِ هند. ڀلي آيا. ڪجهه ناشتو ڪندا؟

سروجني ناشتي جي اچ ٻڌي دهلجي ويئي ته ڇا اها ڪانجهي ۽ مگ ڦلي کائڻي پوندم؟ پر يڪدم دل جهلي چيائين ته مونکي ناشتي جي گهرج نه آهي.

شري ماولنڪر ۽ شري ولڀ ڀائي پٽيل ٻئي ڪلب
۾ برج جي راند ڪري رهيا هئا ته ماولنڪر مهاتما
گانڌي کي پهريان ايندو ڏٺو. اهو سال هو ١٩١٦ جو.
مهاتما کي هيٺ ڌوتي ۽ ڪڙتي ۾ جامو ۽ مٿي تي هڪ
وڏو پڳڙ (پٽڪو) پاتل هو. شري ماولنڪر برج راند
ڪرڻ بند ڪئي. شري ولڀ ڀائي کي ٻڌائين ته
گانڌي پهتو آهي.

ولڀ:- گانڌي اچي ٿو ته اسان جو انهيءَ ۾ ڇا
وڃي. اسين راند ڇو بند ڪريون؟

شري ولڀ ڀائي ٻڌو هو ته ڏکڻ آفريڪا جو ڪم
ڪندڙ هڪ موهنداس ڪرمچند گانڌي احمدآباد ۾
اچي رهيو آهي. پر کيس ڏٺو ڪين هئائين.

انهيءَ شام جو هال ۾ هتي مهاتما جي وڪيل تقرير-
سڻي وڪيلن کي نينڊ ملي ته ميٽنگ تي اچو. پر
شري ولڀ ڀائي پٽيل ڇوڙو لکيو ته ڀلا هي پڳڙ ڇا
ڳالهائيندو پر گهڻن جي زور ڀرڻ تي شري ولڀ ڀائي
به ميٽنگ ۾ تقرير ٻڌڻ ويو. مهاتما ڏکڻ آفريڪا ۾
هندواسين مٿان ٿيندڙ ظلمن جو داستان ميڙ ۾ پيش
ڪيو. تقرير ٻڌي شري ولڀ ڀائي تي اثر پيو ته هن
پڳڙ جي مغز ۾ ڪيڏي نه شڪتي سمايل آهي ۽ سندس
لفظن ۾ ڪو جادو ڀريل آهي ۽ ڪيڏي نه منجهس ڇڪ
آهي. هڪ ئي نظر سان نهال ٿي ويو. شري ولڀ ڀائي

ڳالهين انگا لکي ايهن. مشهور جو وقت پاڙلي لهڻکي سوا ملي انگن لکيا جي ! ٿي ڏي ماڻهن ماڻهن الڳ پابت ڪاڪس انگا ڪهڙيا لـ جهالهين ڏ موڻ لـ لکيا آهي ڏ الڳ پابت سوا وڏالي چيو ته ڏيڻا سو انگا لکي ايهن. الهن وڙو هڪ سو انگا وڏالا وڏا ته والبه پالي. لـ انگن لکيا ڪان لمو اکر وارڻ وڃو، لمسه اڪو سوا جو انگا وڃو وڏالدو ته وڃي ته سو ڏيڻا سو جا انگا لمو ته الڳ پابت لـ ڪاوڙ ڪوڙي چيو لـ جي لـ لکي ايهڙي ڏ لولا ڪهڙو ڏ ايهڙو.

سو ڏ ماڻهن لمو الڳ پابت ڪجهي ۽ چيو لـ ته سسو انگا لکيا الهي لـ جواب ڏنو والبه پالي لـ ”جا“ ته الڳ پابت سي هڪ ۽ هڪ ڪاغذ لکي ڏنالهن جهڙن لي لکيل هڪا اکر ”لـ سو انگا“ الڳ پابت هن جي ڳالهين ڏسي ايهي ڪل ۽ هڪڙو ته والبه پالي سوا ڪان جهڙو ته آهيڙو الڳ پابت جو ڏ ماڻهن ڳالهه ۽ پيار وڌيو.

پنڊت ڪئي لعلي - ڊاڪٽري وڏي سروجني

بابوءَ سان پنهنجي جي پهرين ملاقات

ڏاڏا ماولنڪر جو آزاد ماڻهو جي لوڪ سڀا جو پهريون اسپيڪر لمو ڏي ماڻهن ڪتابن لـ سندس ته سروڄاڻ والبه پالي هڪل جي ڳالهين سان پهريون ڏڏ پالي ڏ ڪل ڏ دلچسپ لي.

وڏن ماڻهن جون وڏيون ڳالهيون

ننڍي هوندي سردار پٽيل جون ڪي چالاڪيون!

دادا ماولنڪر ٻڌايو ته سردار پٽيل ننڍي هوندي کان ئي چالاڪ هو. اسان ٻئي گڏ سڪول ۾ پڙهندا هئاسين. هن چيو ته سردار ولڀ ڀائي پٽيل ٻڙودي ۾ جڏهن مئٽرڪ ڪلاس ۾ هو ته سنسڪرت ڇڏي وڃي گجراتي جي وشيه ڪنيائين ۽ گجراتي ڪلاس جي اڌياپڪ (ماستر) شري ڇوٽالعل وٽ پڙهڻ لاءِ جئن ئي ڪلاس ۾ آيو ته اڌياپڪ شري ڇوٽالعل مٿس ننولي ڪري چيو ته اچو مهاپرش اوهين سنسڪرت ڇڏي گجراتي پڙهڻ ٿا چاهيو. ڀلي آيا. ڇا اوهانکي اها سڌ ڪانه آهي ته سنسڪرت سکڻ کان سواءِ گجراتي اچي ڪانه سگهندي آهي. اڌياپڪ انهيءَ بعد ولڀ وديارٿيءَ کي سنسڪرت جون ڏاڍيون خوبيون ٻڌايون، پر ولڀ تي اثر ڇو ٿو پوي ۽ جڏهن اڌياپڪ گهڻو چيس ته جواب ڏنائين ته جي مون جهڙا اوهان وٽ گجراتي نه پڙهن ته پوءِ اوهين جيڪر پاڙهيو ڪنهکي؟ پاڙهيو ڇا؟

انگن لکڻ جي سزا

وديارٿيءَ جي هٺڙي ڍيٺپائي ڏسي شري ڇوٽالعل اڌياپڪ غصي ۾ اچي ويو ۽ چيائين ته سليٽي ۱ کان ۱۰۰

جي مدبرن ۽ بين پارليامينٽ جي ميمبرن جون ڪيترئيون نئي عجيب و غريب ڳالهيون، ٽوٽڪا ۽ لطيفا ٻڌايا جي آئينده جي اُبَن لاءِ هن خواه هن ڪان پوءِ ايندڙ ڪتابن ۾ درج ڪباڻ پر ٻئي دفعي، جو نه ته ته هيءُ ڪتاب تمام وڏو ٿي ويندو.

ڏهه - ٻارهان سال اڳي هڪ اهڙو ڪتاب "ملڪ جا مدبر - ٻال اوستا ۾" شايع ڪيو هوم، جنهن ۾ انهن ليڊرن جو ٻچپن يعني ننڍپڻ ڳالهيون ڏنيون هيم، جيئن ته اهو ڪتاب ماڻهن کي ڏاڍو وڻيو ته اُن جا ۲-۳ ڀاڱا Series ۾ "مينگهان ٻائي ساهتيه منڊل مالا" جي ناالي سان ڇپائي ظاهر ڪيم.

هينئر "سنڌ - هند ڪتاب گهر" جي ناالي سان وري شروع ڪيان ٿو، ڇاڪاڻ ته "سنڌ - هند ڪتاب گهر" جي نالي سان بندي جا ڪيترائي انگريزي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. اُن وقت سنڌي ڪتابن جو چندو بلڪل ٿورو رکيو پيو يعني سال لاءِ ۳ روپيه پر هن وقت مهانگائيءَ ڪري ۵ روپيه رکجي ٿو جيئن صفحي ۲ تي ڏيکاريل آهن ۽ انگريزي ڪتابن جو ڏهه روپيه آهي. پڙهندڙن کي جيڪڏهن هيءُ ۽ هن ڪان پوءِ نڪرندڙ سنڌي خواه انگريزي ڪتاب پسند پون ته مهرباني ڪري ساليانو چندو ڏياري موڪلين.

— ليکڪ

مهاڳ

هيءَ سن ١٩٤٧ع جي ڳالهه آهي، جڏهن هندستان جو ورهاڱو ٿيو ته بندي جي بدلي سکر سنڌ مان اَحمدآباد ٿي. جيئن ته اُن وقت اَحمدآباد ۾ هڪ زبردست نماءُ چالو هو ۽ مان گورنمينٽ آف انڊيا (هند سرڪار) پاران پبلسٽي آفيسر هوس ته اُن موقعي تي ڪيترن ئي گجرات جي وڏن ماڻهن جهڙوڪ مهاتما گانڌي، سردار پٽيل، مرارجي ديسائي، کنڊو ڀائي ديسائي، وساورا، ڊووي صاحب مزدور مهاجن جا ليڊر ۽ دادا ماولنڪر سان ملاقاتون پي ٿينديون هيون ۽ اَحمدآباد ۾ سابرمتي آشرم جي هجڻ ڪري ڪيترائي ٻيا اڳوان پڻ جهڙوڪ مهاشيه نهرو، جڳجيونرام، گلزاريلعل نندا وغيره پيا ايندا ويندا هئا، جو اوهين هن ڪتاب ۾ ڏنل فوٽي مان ڏسي سگهو ٿا چاڪاڻ ته مان اَحمدآباد ۾ ٧-٨ سال ايمپلائمينٽ ايڪسچينج جي پبلسٽي آفيسر جي حيثيت ۾ رهيو پيو هوس.

دادا ماولنڪر آزاد ڀارت جي لوڪ-سڀا جو پهريون اسپيڪر هو ۽ سندس گهر اَحمدآباد جي ايلس برج جي ڀرسان هو جتي آءٌ اڪثر ايندو ويندو هوس، جيئن ته گجرات ۾ ڪيس سيٺئي دادا - دادا ڪري عزت وچان سڏيندا هئا ته آءٌ به ڪيس دادا ڪري چوڻ لڳس. هن ۽ ٻين اڳوانن پنهنجي خواه پرائي باري ۾ گفتگوءَ جي دوران ۾ ڪيترن ئي ملڪ

سنڌ - هند ڪتاب گهر جو شاندار پروگرام

جون ١٩٦٨

عمر ڀر جو چندو

ايڪونجاهه روپيه

ڀهريون ڇاپو

ساليانو چندو

پنج روپيه

هر مهني هڪ ڪتاب ڪيو ويندو

نئون ڪتاب

پنڪڙو پنچتنتر

ڀاڱن ۾

[پنجن جاتڪن (لوڪ ڪٿائن) جو ڪتاب

جنهن ۾ پکين، پسن ۽ جيتن جون آکاڻيون ڏنل آهن

وڏن ماڻهن جون وڏيون / ننڍيون ڳالهيون

عرف

آدرشي پرشن جا آدرشي پرستاو



پروفيسر گد و



قيمت: پئسا ١-٠٠ روپيه — جلد هڪ هزار

ڀاڱن ۾ — ڀاڱو ١



پرڪاشڪ:

رميش گرڌاريلعل هرجاڻي

بلاڪ نمبر بي ١٩، گهر نمبر ١١١، الهاس نگر ٥.